

# غفلت


- سون جي سر 1
- روئندو جهنم ۾ داخل ٿيندو 6
- موت جا ٽي قاصد 8
- اکين ۾ پگهرڻ شيهو 12
- عقيقي جا 25 مَدَني گل 25



شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحَمّد الياس عطّارؔ قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# غفلت[1]

**غفلت ڇڏي هي رسالو مڪمل پڙهو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**مديني جي تاجدار، نبين جي سردار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: ”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب، ڪتاب کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اُهو شخص هوندو، جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا.“ (فردوس الاخبار ج 5 ص 375 حديث 8210)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سون جي سِر

**روايت آهي**، هڪ شخص کي ڪٽان کان **سون جي** سر هٿ اچي وئي. هو دولت جي محبت ۾ مست ٿي، سڄي رات مختلف منصوبا ٺاهيندو رهيو ته هاڻي مان سنا سنا کاڌا کائيندس، بهترين ڪپڙا سبرائيندس ۽ کوڙ سارا نوڪر چاڪر رکندس، **مقصد** ته مالدار بڻجي وڃڻ جي ڪري راحتن ۽ آسائشن جي خيالن ۾ گم ٿي، اُن رات ربّ عَزَّوَجَلَّ کان بلڪل **غافل** ٿي ويو. صبح جو انهيءَ مال جي

---

1 **هي بيان امير اهلسنت** دامت برکاتهم عاليه **تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي احمد آباد (الهند) ۾ ٽيڻ واري ٽن ڏينهن جي سنتن ڀري اجتماع** (30 رجب 1418هه، 1997-12-30) ۾ فرمايو هو. ترميم ۽ واڌاري سان گڏ حاضر خدمت آهي. مجلس مڪتبة المدينه

فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

ڏُن ۾ مگن ٿي گهران نڪتو، اتفاقًا قبرستان وٽان سندس گذر ٿيو، چا ٿو ڏسي تہ هڪ شخص سِرون ناهڻ لاءِ هڪ قبر تي مٽي ڳوهي رهيو آهي، اهو منظر ڏسي يڪدم ان جي اکين تان **غفلت** جو پردو هٽي ويو ۽ انهيءَ تصّور سان سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا تہ شايد مرڻ کان پوءِ منهنجي قبر جي مٽيءَ مان بہ ماڻهو سِرون ناهيندا. آهہ! منهنجا عاليشان گهر ۽ عمدا لباس وغيره ائين ئي رهجي ويندا، تنهنڪري سون جي سر سان دل لڳائڻ تہ زندگي کي سراسر **غفلت** ۾ وڃائڻ آهي، ها جيڪڏهن دل لڳائڻي ئي آهي تہ مون کي پنهنجي پياري پياري **الله** عَزَّوَجَلَّ سان لڳائڻ گهرجي، پوءِ هن سون جي سِر کي ڇڏي زُهد ۽ قناعت اختيار ڪئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# غفلت جا سبب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي دنيا جي ڪثرت جي صورت ۾ ملڻ واري نعمت ۾ سراسر **غفلت** جو انديشو آهي، جيڪو دنيا جي نعمت سان دل لڳائيندو آهي، اهو **غفلت** جو شڪار ٿي ويندو آهي. **غفلت** وري بہ غفلت آهي، **غفلت** بانهي کي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان پري ڪري ڇڏيندي آهي. سنو واپار بہ نعمت آهي، دولت بہ نعمت آهي، عاليشان گهر بہ نعمت آهي، اعليٰ سواري بہ نعمت آهي، ماءُ پيءُ جي لاءِ اولاد بہ نعمت آهي، ڪنهن بہ دنيا جي نعمت ۾ ضرورت کان وڌيڪ مشغوليت **غفلت** جو باعِث آهي، جيئن 28 سيپاري سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْن جي آيت 9 ۾ ارشاد آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارو! توهان کي غافل نہ ڪري توهان جو مال ۽ توهان جو اولاد نہ ئي ڪا ٻي شيءِ الله جي ذڪر کان ۽ جيڪو ائين ڪندو پوءِ اهي ئي ماڻهو نقصان ۾ آهن.

**هن** آيتِ مُقدّسہ مان انهن ماڻهن کي درسِ عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي، جن کي **نيڪي جي دعوت** پيش ڪئي ويندي آهي ۽ نماز جي لاءِ سڏيو ويندو آهي تہ چوندا آهن تہ سائين! اسان تہ پنهنجي روزيءَ جي فڪر ۾ لڳل آهيون، روزي ڪمائڻ ۽ ٻارن ٻچن جي خدمت ڪرڻ بہ تہ عبادت آهي، اسان کي جڏهن ان کان فرصت ملندي تہ توهان سان گڏ مسجد ۾ بہ هلنداسين. يقيناً اهڙيون ڳالهيون **غفلت** ئي ڪرائيندي آهي.

## مُڙدي جون رڙيون دانهون بيڪار آهن

**صرف** ۽ صرف دنيا جي ڌن دولت کي وڌائڻ جي خيال ۾ مست رهڻ وارن، مال ڪمائڻ جي خاطر دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڀٽڪندڙن، پر مسجد جي حاضري کان پاسو ڪندڙن، پنهنجي گهرن جي ڊيڪوريشن (ناهہ نوهہ) تي پاڻيءَ وانگر پيسا وهائڻ وارن، پر خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ کان ڪتائيندڙن، دولت ۾ واڌاري جي لاءِ مختلف گُر اپنائيندڙن، پر نيڪين ۾ برڪت جي معاملي ۾ لاپرواهہ رهڻ وارن کي **غفلت** جي ننڊ مان سجاڳ ٿي تمام جلدي توبہ ڪرڻ کپي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو موت اوچتو اچي روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ ڪمري ۾ فوم واري آرامده بستري سان سينگاريل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

خوبصورت پلنگ تان ڪٽي ڪيڙن ماڪوڙن سان ڀريل خوفناڪ اونداهي قبر ۾ سمهاري ڇڏي ۽ اهي رڙيون ڪندا رهجي وڃن تہ **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! مون کي ٻيهر دنيا ۾ موڪل تہ جيئن اتي وڃي تنهنجي عبادت ڪريان، مولا (عَزَّوَجَلَّ) ٻيهر دنيا ۾ پهچاءِ، مان واعدو ٿو ڪريان پنهنجي سموري دولت تنهنجي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندس..... پنجئي نمازون تڪبيرِ اُوليٰ سان باجماعت ادا ڪندس، تهجُّد بہ ڪڏهن نہ ڇڏيندس بلڪ مسجد ۾ ئي پيو رهندس... ڏاڙهي تہ ڏاڙهي زلفَ بہ رکندس.... مٿي تي هر وقت عِمامي شريف جو تاج بہ سجائيندس.... **ياالله** عَزَّوَجَلَّ! مون کي واپس موڪل..... هڪ ڀيرو مهلت ڏي دنيا مان فيشن جو خاتمو آڻي هر طرف سنّتن جو جهنڊو بلند ڪندس...... اي پروردگار عَزَّوَجَلَّ! صرف ۽ صرف هڪ ڀيرو مهلت عطا فرماءِ تہ جيئن مان خوب نيڪيون ڪريان......رات ڏينهن گناهن ۾ مشغول رهڻ وارن غافلن جون دانهون ڪوڪون موت ڪان پوءِ بيڪار هونديون. قرآن شريف اڳ ۾ ئي خبردار ڪري چڪو آهي جيئن 28 سيپاري سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْن جي آيت 10 ۽ 11 ۾ ارشاد آهي:

وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَاۤ اَخَّرْتَنِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰﴾ وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَاؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱﴾ع

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ڪجهہ خرچ ڪيو اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن تي موت اچي ۽ چوي اي منهنجا رب! تو مون کي ٿوري مدت تائين ڇو نہ مهلت ڏني مان صدقو ڏيان ها ۽ نيڪن مان ٿيان ها ۽ الله (عَزَّوَجَلَّ) هرگز ڪنهن بہ جان کي مهلت نہ ڏيندو جڏهن ان جو وقت اچي وڃي ۽ الله (عَزَّوَجَلَّ) کي توهان جي ڪمن جي خبر آهي."

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

دِلا غافِل نہ ہو یک دَم یہ دنیا چھوڑ جانا ہے
بَــغیــچــے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے

تِرا نازُک بدن بھائی جو لیٹے سَیج پھولوں پر
یہ ہوگا ایک دن بے جاں اِسے کِرموں[1] نے کھانا ہے

تُو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا
زمیں کی خاک پر سونا ہے اِینٹوں کا سِر ہانا[2] ہے

نہ بَیلی[3] ہو سکے بھائی نہ بیٹا باپ تے مائی[4]
تُو کیوں پھرتا ہے سَودائی[5] عمل نے کام آنا ہے

کہاں ہے زَورِ نَمرودی! کہاں ہے تختِ فِرعونی!
گئے سب چھوڑ یہ فانی اگر نادان دانا ہے

عزیزا! یاد کر جس دن کہ عِزرائیل آویں گے
نہ جاوے کوئی تیرے سَنگ اکیلا تُو نے جانا ہے

جہاں کے شَغل[6] میں شاغِل[7] خدا کے ذِکر سے غافِل
کرے دعویٰ کہ یہ دنیا مِرا دائم[8] ٹھکانہ

غُلام اِک دَم نہ کر غفلت حیاتی[9] پر نہ ہو غَرَّہ[10]
خدا کی یاد کر ہر دم کہ جس نے کام آنا ہے

# انوکي شرمساري

”مڪاشفة القلوب“ ۾ آهي: **حضرت سيّدنا شيخ ابو علي دَقّاق** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الرَّازِق فرمائن ٿا: هڪ تمام وڏو وليُّ الله رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سخت بيمار هو، مان ان جي عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس، عقيدتمندن جو چوڌاري هُجُوم هو، اهو بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ روئي رهيو هو، مون عرض ڪيو: سائين! ڇا دنيا ڪي ڇڏڻ تي روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: نہ بلڪ نمازون قضا ٿيڻ تي روئي رهيو آهيان، مون عرض ڪيو: سائين! توهان جون نمازون ڪيئن قضا ٿيون؟ فرمايائين: مون جڏهن بہ سجدو ڪيو تہ **غفلت** سان ۽ جڏهن سجدي مان مٿو ڪنيو تہ **غفلت** سان ۽ هاڻي **غفلت** ۾ ئي موت اچي رهيو آهي، پوءِ درد ڀريءَ دل

1 جيت ماڪوڙن 2 وهاڻو 3 مددگار 4 ماءُ 5 چريو 6 ڪم 7 مشغول 8 هميشه 9 زندگي 10 مغرور

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

مان ٿڌو ساهہ کڻندي چار عربيءَ شعرَ پڙهيائين جن جو ترجمو هي آهي: ﴿1﴾ مون پنهنجي حشر، قيامت جي ڏينهن يا قبر ۾ پنهنجي ڳلن جي پيل رهڻ جي باري ۾ غور ڪيو ﴿2﴾ ايتري عزّت ۽ بلندي کان پوءِ مان اڪيلو پيو هوندس ۽ پنهنجي ڏوهن جي سبب ڳِروي هوندس ۽ مٽي ئي منهنجو وهاڻو هوندي ﴿3﴾ مون پنهنجي حساب جي ڊگهي هجڻ ۽ اعمال نامي ڏني وڃڻ جي وقت جي ذلت جي باري ۾ بہ سوچيو ﴿4﴾ پر اي منهنجا پيدا ڪرڻ وارا ۽ مون کي پالڻ وارا! مون کي تو مان رحمت جي اميد آهي تون ئي منهنجي خطائن کي بخشڻ وارو آهين. (مڪاشفة القلوب ص 22)

# روئندو جهنّم ۾ داخل ٿيندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ ڪيتري قدر عبرت آهي، ٿورو انهن **الله** وارن کي ڏسو جن جو هر لمحو **يادِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ ۾ گذرندو آهي پر پوءِ بہ عاجزيءَ جو عالم هي آهي جو پنهنجي عبادتن ۽ رياضتن کي خيال ۾ ئي نہ ٿا آڻين ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازيءَ کان ڊڄندي روئي رهيا آهن. آهہ! **غفلت** ۾ رهڻ وارن تي صد هزار افسوس جو نيڪيءَ جي نون جو ٽڪو بہ وٽن ڪونهي ۽ اخلاص جو پري پري تائين نالو نشان ڪونهي پر پوءِ بہ حال هي آهي جو پنهنجي عبادتن جون وڏيون وڏيون دعوائون ڪندي نہ ٿڪبا آهن. **الله** عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها گناهن کان محفوظ هجڻ جي باوجود خوفِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪندا ڪنبندا ۽ نير وهائيندا رهندا آهن پر غافل ماڻهن جو حال هي آهي تہ بنا ڪنهن هٻڪ جي گناهن جو سلسلو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جاري رکندا آهن، پنهنجي گناهن جو عام اعلان ڪندا رهندا آهن ۽ پوءِ ان تي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي ٿورو شرمسار بہ نٿا ٿين، ڪَنَ ڪولي ٻڌو! حضرت سيّدنا ابن عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: ”جيڪو کِلي کِلي گناھ ڪندو اهو روئندو جهنم ۾ داخل ٿيندو.“ (مڪاشفةالقلوب ص 275)

## جيڪڏهن ايمان برباد ٿي ويو تہ....

کِلي کِلي ڪوڙ ڳالهائڻ وارن، کِلي کِلي واعدي خلافي ڪرڻ وارن، کِلي کِلي ملاوٽ وارو مال وڪڻڻ وارن، کِلي کِلي فلمون، ڊراما ڏسڻ وارن ۽ ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ وارن، کِلي کِلي مسلمانن کي ايذاءُ ڏيڻ وارن، بنا شرعي اجازت جي انهن جون دل آزاريون ڪرڻ وارن لاءِ لمحهءِ فڪريہ آهي، جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ سندس پيارو محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (اسان کان) رُسي ويو ۽ غفلت جي ڪري بي حيائي سان کِلي کِلي گناھ ڪرڻ جي سبب ايمان برباد ٿي ويو ۽ جهنّم مقدّر بڻجي ويو تہ ڇا ٿيندو؟ ٿورو دل جي ڪنن سان خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عبرت نشان ٻڌو! جيئن 10 سپاري سُوْرَةُ التَّوْبَه جي 82 آيت شريف ۾ ارشاد آهي:

فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ج (پ ١٠،التوبة :٨٢)

ترجموڪنزالايمان: انهن کي گهرجي تہ ٿورو کِلن ۽ گهڻو روئن.

## موت جا ٽي قاصد

منقول آهي: ”حضرت سيِّدنا يعقوب عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضرت سيّدنا عزرائيل مَلَكُ الموت عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ دوستي هئي هڪ ڀيري جڏهن حضرت سيّدنا مَلَكُ الموت عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آيا تہ حضرت يعقوب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پڇيو تہ توهان ملاقات جي لاءِ آيا آهيو يا منهنجو روح قبض ڪرڻ جي لاءِ؟ چيائين: ملاقات جي لاءِ حضرت سيّدنا يعقوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو: مون کي وفات ڏيڻ کان اڳ ۾ مون وٽ پنهنجا قاصد موڪلجانءِ، **مَلَکُ الموت** عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام چيو: آئون توهان وٽ ہہ يا ٽي قاصد موڪليندس، جڏهن حضرت سيّدنا يعقوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو روح قبض ڪرڻ لاءِ **مَلَکُ الموت** عَلَیْهِ السَّلَام آيا تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: توهان کي منهنجي وفات کان اڳ ۾ مون ڏانهن قاصد موڪلڻا هئا، انهن جو ڇا ٿيو؟ حضرت سيّدنا ملڪ الموت عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام چيو: ”ڪارن وارن کان پوءِ اڇا وار، جسماني طاقت کان پوءِ ڪمزوري، سڌي چيلهہ کان پوءِ چيلهہ جو جُهڪي وڃڻ، اي يعقوب (عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام)! موت کان اڳ انسان ڏانهن منهنجا اهي ٽئي قاصد آهن.“ (مڪاشفة القلوب ص 21)

**هڪ عربي شاعر جي ٻن عربي شعرن ۾ ڪيتري قدر عبرت آهي:**

مَضَى الدَّهْرُ وَالْاَيَّامُ وَالذَّنْبُ حَاصِلٌ ۔ وَجَاءَ رَسُوْلُ الْمَوْتِ وَالْقَلْبُ غَافِلٌ

نَعِيْمُكَ فِى الدُّنْيَا غُرُوْرٌ وَّحَسْرَةٌ ۔ وَعَيْشُكَ فِى الدُّنْيَا مُحَالٌ وَّبَاطِلٌ

**اشعار جو ترجمو:** ﴿1﴾ وقت ۽ ڏينهن گذري ويا پر گناهہ باقي آهن، موت جو فرشتو اچي پهتو ۽ دل غافل آهي ﴿2﴾ توکي دنيا ۾ ملڻ واريون نعمتون ڌوڪو ۽ تنهنجي لاءِ حسرت جو باعث آهن ۽ دنيا ۾ دائمي راحتون ماڻڻ وارو تنهنجو تصوّر خام خيالي آهي. (ايضًا)

## بيماري بہ موت جو قاصد آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ موت اچڻ کان اڳ ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

**مَلَڪُ الموت** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **پنهنجا قاصد موڪليندو آهي**، بيان ڪيل ٽن قاصدن کان علاوه ٻه حديثن ۾ وڌيڪ قاصدن جو تذڪرو ملي ٿو، جيئن **بيماري، ڪنن ۽ اکين ۾ تبديلي** (يعني نظر جو ڪمزور ٿيڻ ۽ ٻُڌڻ جي قوت ۾ ڪمي يعني ٻوڙائپ) **ٻه موت جا قاصد آهن.** اسان مان ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا جن وٽ **ملڪُ الموت** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جا** قاصد اچي چڪا هوندا، مگر ڇا چئجي **غفلت** جو! جيڪڏهن ڪارن وارن کان پوءِ اڇا وار ٿيڻ لڳندا آهن حالانڪ هي موت جو قاصد آهي پر ماڻهو! پنهنجي دل کي آٿت ڏيندي چوندو آهي ته هي ته نزلي جي ڪري وار اڇا ٿيا آهن، اهڙيءَ طرح بيماري جيڪا موت جو واضح قاصد آهي پر ان ۾ ٻه سراسر **غفلت** ڪئي ويندي آهي حالانڪ "بيماري" جي ئي سبب روزانو بيشمار ماڻهو موت جو شڪار ٿيندا آهن! مريض کي ته وڌيڪ موت ياد اچڻ گهرجي ته ڪهڙي خبر جيڪا بيماري معمولي لڳي ٿي سا موتمار صورت اختيار ڪري، اک ڇنڀ ۾ موت جي منهن ۾ اُڇلائي ڇڏي، پوءِ مِٽ مائٽ روئن پِٽن، دشمن خوشيون ملهائن ۽ موت کان **غافل** مرڻ وارو **مريض** مٽيءَ جي مٽن هينان اونداهي قبر ۾ وڃيو ڪِري! هاڻي هڪ مرڻ وارو هوندو ۽ ٻيا اُن جا چڱا يا بُرا عمل.

## جهنّم جي دروازي تي نالو

**اي اڄ جا مانوارؤ ۽ سياڻي جا مرحومو! ياد رکو!** جيڪو گناهن تي اَڙيل رهيو سو رستو ڀلجي ويو، بي عمليءَ جي اونداهين ۾ ڀٽڪي ويو ۽ **خدا** عَزَّوَجَلَّ ۽ **مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جي

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

صورت ۾ قبر ۽ آخرت جي عذاب ۾ ڦاسي ويو، هاڻي پڇتائڻ ۽ اجايو افسوس ڪرڻ مان ڪجهہ نہ ورندو، اجا بہ موقعو آهي جلد کان جلد پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪري نمازن، رمضانُ المُبارڪ جي روزن ۽ سنّتن پري زندگي گذارڻ جو عهد ڪريو. ٻڌو! ٻڌو! سرڪارمدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ”جيڪو هڪ نماز بہ ڇاڻي واڻي ڇڏيندو، ان جو نالو جهنم جي ان دروازي تي لکيو ويندو جنهن مان هو جهنم ۾ داخل ٿيندو.“ (حلية الاولياء ج 7 ص299 حديث 10590) اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي حديث پاڪ ۾ ارشاد آهي: ”جيڪو رمضان جي مهيني جو هڪ روزو بہ بنا شرعي عذر ۽ بيماريءَ جي قضا ڪندو آهي تہ سڄي زماني جا روزا ان جي قضا نہ ٿا ٿي سگهن توڙي جو بعد ۾ رکي بہ وٺي.“ (جامع ترمذي ج 2 ص 175 حديث 723)

## اکين ۾ باهہ

عورتن ڪي تاڙڻ وارن، اَمردن (يعني خوبصورت ڇوڪرن) سان بدنگاهي ڪرڻ وارن، فلمون ڊراما ڏسڻ وارن، ڳائڻ وڄائڻ ۽ گلائون ٻڌڻ وارن کي گهرجي تہ جلدي توبہ ڪن نہ تہ يقينًا عذاب برداشت نہ ٿيندو. منقول آهي: ”جيڪو پنهنجي اکين کي حرام جي نظر سان ڀريندو قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ باهہ ڀري ويندي.“
(مكاشفة القلوب ص 10)

## باهہ جي سَرائي

حضرت علّامہ اَبُو الفَرَج عبدُالرحمٰن بن جَوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی نقل ڪن ٿا تہ عورت جي مُحَاسِن (يعني حُسن ۽ جمال) کي ڏسڻ شيطان جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

زهر ۾ ٻڏل تيرن مان هڪ تير آهي، جنهن غير محرم کان پنهنجي اک جي حفاظت نہ ڪئي اُن جي اک ۾ قيامت جي ڏينهن **باهہ جي سَرائي** ڦيري ويندي. (بحرالدموع ص 171)

## اکين ۽ ڪنن ۾ ڪِليون

**حضرتِ سيِّدُنا امام حافِظ ابُوالقاسِم سُلَيمان طَبَراني** قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي **نقل** فرمائن ٿا: "منهنجي مٺي مٺي **آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **هڪ منظر هي بہ ڏٺو جو ڪجهہ ماڻهن جي اکين ۽ ڪنن ۾ ڪليون لڳل هيون،** پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي خدمت** ۾ عرض ڪيو ويو: يعني هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي اُهو ڏسن ٿا جيڪو ڪين نہ ڏسڻ کپندو هو ۽ اهو ٻڌن ٿا جيڪو ڪين نہ ٻڌڻ کپندو هو." (المعجم الڪبير للطبراني ج 8 ص 156 حديث 7666)
يعني حرام ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارن جي اکين ۽ ڪنن ۾ ڪِليون لڳل آهن. خبردار! شيطان جي دوکي ۾ اچي ٽي وي تي خبرون بہ نہ ڏسندا ڪريو ڇوتہ خبرن جو بي پرده عورتن کان پاڪ هجڻ مشڪل آهي. ياد رکو! مرد عورت کي ڏسي يا عورت مرد کي شهوت سان ڏسي اهي ٻئي ڪم حرام آهن ۽ هر حرام ڪم جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو **آهي.** وَالْعِيَاذُ بِاللهِ تَعَالٰى

## اکين ۾ پگهريل شيهو

منقول آهي: "**جيڪو شخص شهوت سان ڪنهن اَجْنَبِيَّہ** (يعني ڌاري عورت) **جي حُسن ۽ جمال کي ڏسندو تہ قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ شيهو پگهاري وڌو ويندو.**" (هدايہ ج 2 ص 368) **يقيناً ياجائي** بہ **اَجْنَبِيَّہ** ئي آهي، جيڪي ڏير پنهنجي ياجائي کي ڄاڻي واڻي ڏسندا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

هجن، بي تڪلُّف ٿيندا هجن، مذاق مسخري ڪندا هجن، اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب ڪان ڊڄي فورًا سچي توبه ڪن، ياجائي جيڪڏهن نندي ڏير ڪي ننڍو ڀاءُ ۽ وڏي ڏير ڪي وڏو ڀاءُ چئي ڇڏي ته ان سان بي پردگي ۽ بي تڪلفي جائز نه ٿيندي، ۽ ڏير ياجائي بدنگاهي، بي تڪلفي، ڪل ڀوڳ وغيره گناهن جي معاملي ۾ وڌيڪ ڦاسندا ويندا آهن، ياد رکو! ڏير ۽ ياجائي جو پاڻ ۾ بلا ضرورت ۽ بي تڪلفي سان گفتگو ڪرڻ به مسلسل خطري جي گهنٽي وڄائيندو رهندو آهي! ڀلائي انهيءَ ۾ آهي ته نه هڪ ٻئي کي ڏسن، ۽ نه ئي پاڻ ۾ بنا ضرورت ۽ بي تڪلفي سان ڳالهائن.

دیکھنا ہے تو مدینہ دیکھئے
قصرِ شاہی کا نظارہ کچھ نہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ڏير، جيٺ ۽ ياجائي وغيره خبردار رهن جو حديث شريف ۾ ارشاد آهي: "اَلْعَيْنَان تَزْنِيَان" يعني اکيون زنا ڪنديون آهن. (مسند امام احمد ج 3 ص 305 حديث 8852) بهرحال جيڪڏهن هڪ گهر ۾ رهندي عورت جي لاءِ ويجهي نامحرم رشتيدارن ڪان پردو ڪرڻ مشڪل هجي ته چهرو کولڻ جي اجازت آهي پر ڪپڙا هرگز اهڙا سنها نه هجن جنهن سان بدن يا مٿي جا وار وغيره چمڪن يا اهڙا سوڙها نه هجن جو بدن جا عضوا، جسم جي بيهڪ (يعني صورت ۽ گولائي) ۽ سيني جو اُڀار وغيره ظاهر ٿئي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

# باهہ جي پوڄارين جهڙي شڪل

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن، سيّدنا امام مسلم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: **"مڇون بلڪل ننڍيون ڪريو ۽ ڏاڙهين کي معافي ڏيو** (يعني وڌڻ ڏيو) **۽ مَجوسين** (يعني باهہ جي پوڄارين) **جهڙي شڪل نہ بڻايو."** (صحيح مسلم ص 154 حديث 260) هن فرمان عاليشان ۾ مسلمان جي غيرت کي للڪار آهي، ڪيڏي عجيب ڳالهہ آهي تہ دعويٰ محبت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪري ۽ شڪل ۽ صورت مصطفيٰ جي دشمنن جهڙي بڻائي.

سرکار کا عاشِق بھی کیا داڑھی مُنڈاتا ہے؟
کیوں عِشق کا چِہرے سے اظہار نہیں ہوتا؟

# ڪير ڪنهن کان پردو ڪري؟

پردي ۾ رهي ڪري مون کي ٻڌڻ واريون اسلامي ڀينرون! توهان بہ ٻڌو! بي پردگي حرام آهي. غير مردن کي شهوت سان ڏسڻ حرام آهي ۽ حرام ڪم جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو آهي. سوٽ، ڀڳاٽ، ماسات، ماروٽ، چاچي، مامي، انهن سيني کان پردو آهي. ڀاجائي ۽ ڏير جو پردو آهي، سالي ۽ ڀيڻوئي جو پردو آهي، ايتري تائين جو مرشد ۽ مريدياڻيءَ جو بہ پردو آهي، مريدياڻي پنهنجي مرشد جو هٿ نہ ٿي چمي سگهي، مٿي تي مرشد کان هٿ نہ ٿي ڦيرائي سگهي، ڇوڪريءَ جڏهن 9 سالن جي ٿئي تہ ان کي پردو ڪرايو ۽ ڇوڪرو جڏهن ٻارهن سالن جو ٿي وڃي تہ ان کي عورتن کان بچايو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

# ناجائز فيشن ڪرڻ وارن جو انجام

**رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: معراج جي رات مون ڪجهہ مردن کي ڏٺو جن جون کلون **باهہ جي قينچين** سان ڪٽيون پئي ويون، مون چيو: هي ڪير آهن؟ ”جبريل امين (عَلَيْهِ السَّلَام) ٻڌايو، هي ماڻهو ناجائز شين سان سينگار ڪندا هئا، ۽ مون هڪ بدبودار کڏو ڏٺو جنهن ۾ شور شرابو هو مون چيو: هي ڪير آهن؟ تہ ٻڌايو ويو، هي اهي عورتون آهن جيڪي ناجائز شين سان سينگار ڪنديون هيون.“ (تاريخ بغداد ج 1 ص 415) **ياد رکو!** نيل پالش جو تهہ ننهن تي ڄمي ويندو آهي تنهنڪري اهڙي حالت ۾ وضو ڪرڻ سان نہ وضو ٿيندو، نہ ئي وهنجڻ سان غسل لهندو! جڏهن وضو، غسل نہ ٿيندو تہ نماز بہ نہ ٿيندي، اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ منهنجو مدني مشورو آهي تہ **مدني برقعو** پايو، ۽ پڻ اهڙن دستانن ۽ جورابن جو بہ اهتمام فرمايو جن مان هٿن پيرن جي رنگت ظاهر نہ ٿئي. غير مردن جي آڏو پنهنجي هٿن جون ترين ۽ پير بہ هرگز ظاهر نہ ڪريو.

# قضا عُمري پڙهو

**جيڪڏهن** خدانخواستہ نمازون، روزا رهجي ويا آهن تہ انهن جو حساب لڳائي قضا عمري ڪريو، ۽ دير ڪرڻ جي توبہ بہ ڪريو، نماز جي قضا عُمري جو آسان طريقو معلوم ڪرڻ لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب ”**نماز جا احڪام**“ هديو ڏئي حاصل ڪريو. ان ۾ وضو، غسل ۽ قضا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

عمريءَ جا اُهي اهم ترين احڪام بيان ڪيا ويا آهن جيڪي پڙهي ڪري شايد توهان چونڊؤ تہ افسوس! اجا تائين وضوء غسل ۽ نماز جي صحيح ادائگي کان محروم ٿي رهيو آهيان!

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

هاڻي تمام اسلامي ڀائر دل جي پڪي ارادي سان هٿ لوڏي لوڏي انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ جي اُڀ ڏاريندڙ نعرن جي ذريعي پنهنجي مدني جذبات جو اظهار ڪريو! نيّت ڪريو، تہ هاڻي منهنجي ڪا نماز قضا نہ ٿيندي. (انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ) رمضانُ المُبارڪ جو ڪو روزو قضا نہ ٿيندو. (انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ) فلمون ڊراما نہ ڏسنداسين. (انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ) ڳائڻ وڄائڻ نہ ٻڌنداسين. (انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ) ڏاڙهي نہ ڪوڙائينداسين. (انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ) هڪ مُٺ کان نہ گهٽائينداسين. (انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ)

## دعوت اسلامي جي مدني بهار

توهان سڀ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، عاشقان رسول جي مدني قافلن ۾ ثواب جي نيّت سان سنتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو فِڪرِ مدينہ جي ذريعي مَدَني اِنعامات جو رسالو ڀري، هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهہ ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو، انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ٿي ويندا. اچو! توهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٿا ٻڌون: انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جي دل بہ متاثر ٿي سيني جي اندر جهومڻ لڳندي. انشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ سينو باغِ مدينو بڻجي ويندو.

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# محمد احسان عطاري جو لاش

**بابُ المدينه** ڪراچي جي علائقي گلبهار جو هڪ ماڊرن نوجوان محمّد احسان نالي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيو، ۽ سگِ مدينه عُفِيَ عَنه جي ذريعي سرڪارِ بغداد حضورِ غوث پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو مريد بڻيو. سرڪارِ غوث اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو مريد ٿيا بڻيو، سندس زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو، چهرو هڪ مٺ ڏاڙهيءَ جي ذريعي **مدني چهرو** بڻجي ويو ۽ مٿي تي مستقل طور تي سائي عِمامي جو تاج جڳمڳ ڪرڻ لڳو. ان دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينه (بالغان) ۾ قرآن پاڪ ناظره ختم ڪيو ۽ ماڻهن وٽ خود هلي وڃي **نيڪي جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ ۽ **انفرادي ڪوشش** ڪرڻ لڳو، هڪ ڏينهن اوچتو ڪيس نڙيءَ ۾ سور محسوس ٿيو، علاج به ڪرايائين پر ”درد بڑھتا گیا جوں جوں دوا کی“ جي مثال وانگر نڙيءَ جي مرض تمام گهڻي شدت اختيار ڪئي ايتري تائين جو مرڻ ڪنڌي تي پهتو، انهيءَ حالت ۾ ان سگِ مدينه عُفِيَ عَنه جو **مدني وصيّت نامو** جيڪو مڪتبة المدينه تان هديةً ملي ٿو، ان کي سامهون رکي پنهنجو ”**وصيّت نامو**“ تيار ڪرائي پنهنجي علائقي جي ذميدار جي حوالي ڪيو ۽ پوءِ هميشه جي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيائين، وفات وقت سندس عمر 35 سال هوندي، کيس ”گلبهار“ جي قبرستان ۾ مٽيءَ حوالي ڪيو ويو. وصيّت موجب تقريباً 12 ڪلاڪن تائين سندس قبر ڀرسان اسلامي ڀائرن ”**اِجتِماع ذِڪر و نعت**“ جاري رکيو، وفات جي تقريباً ساڍن ٽن سالن کان پوءِ اڱاري جي ڏينهن 6 **جُمَادَي**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**الآخِره** 1418هه (7-10-97) جو واقعو آهي ته هڪ ٻئي اسلامي ڀاءُ محمّد عثمان عطاري جو جنازو انهيءَ قبرستان ۾ آندو ويو، ڪجهه اسلامي ڀائر مرحوم محمّد احسان عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِی جي قبر تي فاتحه جي لاءِ آيا، ته اِهو منظر ڏسي انهن جون اکيون ڪليل جون ڪليل رهجي ويون ته قبر جي هڪ طرف تمام وڏو سوراخ ٿي پيو آهي ۽ تقريباً ساڍا ٽي سال اڳ وفات ڪري ويڄڻ وارو مرحوم محمّد احسان عطاري مٿي تي سائي عِمامي شريف جو تاج سجائي خوشبودار ڪفن پائي مزي سان ليٽيل آهي، ٿوري دير ۾ اها خبر هر طرف ڦهلجي وئي ۽ سڄي رات زائرين محمّد احسان عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِی جي ڪفن ۾ ويڙهيل نئين تازي لاش جي زيارت ڪندا رهيا، تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي** جي باري ۾ غلط فهمين جو شڪار رهڻ وارا ماڻهو به دعوت اسلامي وارن تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي هن عظيم فضل ۽ ڪرم جو ڪليل اکين سان مشاهدو ڪري واهه واهه چوڻ لڳا ۽ **دعوت اسلامي** جا محبّ بڻجي ويا.

جو اپنی زندگی میں سنّتیں اُن کی سجاتے ہیں
خدا و مصطفٰی اپنا انہیں پیا را بناتے ہیں

## شهيدِ دعوت اسلامي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي ڪو نئون واقعو ناهي شايد توهان کي ياد هوندو ته 25 رَجَبُ المُرَجَّب 1416هه جو مرڪزالاولياء **لاهور** ۾ سنّتن جي ادنيٰ خادم **سگِ مدينه** عُفِيَ عنه ڪي مارڻ جي ڪوشش جي نتيجي ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

دعوت اسلامي جا ﮨﮱ مبلغ **حاجي اُحد رضا عطاري ۽ محمّد سجّاد عطاري** رَحِمَهُمَا اللهُ البَارِي **شهيد** ٿي ويا هئا، **تقريباً** انن مهينن کان پوءِ لاهور ۾ ٿيڻ وارين شديد برساتن جي نتيجي ۾ **شهيدِ دعوت اسلامي حاجي اُحُد رضا عطّاري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البَارِي جي قبر ڏهي پئي هئي، جڏهن **مجبورًا** قبر کولي وئي تہ سندن لاش **بلڪل** نئون تازو ٻاهر نڪتو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي حاضري ۾ شهيدِ دعوت اسلامي کي ٻي قبر ۾ **منتقل** ڪيو ويو هو. آخر ۾ منهنجي تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي مدني التجا آهي تہ دعوت اسلامي جي **سنّتن ڀري مدني ماحول** سان هر دم وابستہ رهو، **دعوت اسلامي** ۾ ڪا ميمبر شپ ناهي، توهان پنهنجي علائقي ۾ ٿيڻ واري **"دعوت اسلامي"** جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر اختيار ڪريو، سيني کي گهرجي تہ پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ خوب سنّتن جا مدني گل پيش ڪن ۽ **نيڪي جي دعوت** جون ڌومون مچائن.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، **مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: **جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.** (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

## ”ٻار جو عقيقو ڪرڻ سنت مبارَڪہ آهي“ جي 25 اکرن جي نسبت سان عقيقي جا 25 مَدَني گل

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: چوڪرو پنهنجي عقيقي ۾ گِروي آهي ستين ڏينهن اُن جي طرفان جانور ذبح ڪيو وڃي ۽ اُن جو نالو رکيو وڃي ۽ مٿي جا وار ڪوڙيا وڃن. (ترمذي ج 3 ص 177 حديث 1528) گروي ٿيڻ جو مطلب اِهو آهي اُن کان پورو نفعو حاصل نہ ٿيندو جيستائين عقيقو نہ ڪيو وڃي ۽ ڪن (مُحَدِّثن) چيو ٻار جي سلامتي ۽ سندس نَشو و نُما (وڌڻ، وڌو ٿيڻ) ۽ منجهس سنين وصفن (يعني عُمده خوبيون) جو هجڻ عقيقي سان وابستہ آهن. (بهار شريعت ج 3 ص 354) ۞ ٻار پيدا ٿيڻ جي شڪراني ۾ جيڪو جانور ذبح ڪيو وڃي تہ ان کي عقيقو چئبو آهي. (ايضًا ص355) ۞ جڏهن ٻار پيدا ٿئي تہ مستحب اِهو آهي تہ ان جي ڪن ۾ اذان ۽ اِقامت چئي وڃي، اذان چوڻ سان اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بلائون دور ٿي وينديون ۞ بهتر اِهو آهي تہ ساڄي ڪن ۾ چار دفعا اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ ٽي دفعا اِقامت چئي وڃي ۞ گهڻن ماڻهن ۾ اِهو رواج آهي تہ چوڪرو پيدا ٿيندو آهي تہ اذان ڏني ويندي آهي ۽ چوڪِري پيدا ٿيندي آهي تہ ڪونہ ڏيندا آهن. ائين نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ چوڪِريءَ پيدا ٿئي تہ بہ اذان ۽ اقامت چئي وڃي ۞ ستين ڏينهن اُن جو نالو رکيو وڃي ۽ اُن جا وار لاٿا وڃن، ۽ مٿي جا وار لاهڻ وقت **عقيقو** ڪيو وڃي، ۽ وارن جو وزن ڪري اوتري چاندي يا سون صدقو ڪيو وڃي. (ايضًا ص 355) ۞ چوڪري جي عقيقي ۾ بہ ٻڪر ۽ چوڪِريءَ جي ۾ هڪ ٻڪري ذبح

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪئي وڃي يعني ڇوڪري جي عقيقي ۾ نر ۽ ڇوڪرِيءَ ۾ مادي مناسب آهي، ۽ ڇوڪري جي عقيقي ۾ ٻڪريون ۽ ڇوڪرِي جي ۾ ٻڪر ڪيائين ته به حرج ناهي. (ايضًا ص 357) ۞ (پٽ جي لاءِ ٻن جي) طاقت نه هجي ته هڪ به ڪافي آهي. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 586) ۞ قرباني جي اُٺ وغيره ۾ عقيقي جي شرڪت ٿي سگهي ٿي ۞ عقيقو فرض يا واجب ناهي صرف مُستَحب سنّت آهي. (جيڪڏهن گنجائش هجي ته ضرور ڪرڻ گهرجي، نه ڪري ته گناهه ناهي، البت عقيقي جي ثواب کان محرومي آهي) غريب ماڻهو کي هرگز اِهو جائز ناهي ته وياج تي پئسا ڪٺي عقيقو ڪري. (اسلامي زندگي ص 27) ۞ ٻار جيڪڏهن ستين ڏينهن کان پهرين ئي مري ويو ته اُن جو عقيقو نه ڪرڻ سان ان جي شفاعت وغيره تي ڪو به اثر نه پوندو ڇوته هو عقيقي جو وقت اچڻ کان پهرين ئي گذاري ويو. ها جنهن ٻار عقيقي جو وقت پاتو يعني ست ڏينهن جو ٿيو ۽ بنا عذر شرعي، طاقت هجڻ جي باوجود اُن جو عقيقو نه ڪيو، ته اُن جي لاءِ اِهو آيو آهي ته اُهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي شفاعت نه ڪري سگهندو. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 596) ۞ عقيقو ولادت جي ستين ڏينهن سنت آهي، ۽ اِهو ئي افضل آهي، نه ته چوڏهين، يا ايڪيهين ڏينهن تي. (ايضًاص 586) ۽ ۞ جيڪڏهن ستين ڏينهن نه ڪري سگهو ته جڏهن چاهيو ڪري سگهو ٿا، سنّت ادا ٿي ويندي. (بهار شريعت ج 3 ص 356) ۞ جنهن جو عقيقو نه ٿيو هجي، سو جواني، پوڙهائپ ۾ به عقيقو ڪري سگهي ٿو. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 588) جيئن رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اعلان نبوت کان پوءِ پاڻ

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام دروڊِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

پنهنجو عقيقو ڪيو. (مصنف عبدالرزاق ج 4 ص254 حديث 2174) ۞ ڪن عالمن سڳورن اهو چيو آهي تہ ستين يا چوڏهين يا ايڪيهين ڏينهن ڏينهن يعني ستن ڏينهن جو لحاظ رکيو وڃي اِهو بهتر آهي ۽ ياد نہ رهي تہ هيئن ڪري، جنهن ڏينهن ٻار پيدا ٿئي اُن ڏينهن کي ياد رکو ۽ اُن کان هڪ ڏينهن پهرين وارو ڏينهن اچي تہ اُهو ستون ڏينهن هوندو، مثال طور، جمعي جي ڏينهن پيدا ٿيو تہ (زندگي جي هر) خميس (اُن جو) ستون ڏينهن آهي. (بهار شريعت ج 3 ص 356) جيڪڏهن ولادت جو ڏينهن ياد نہ هجي تہ جڏهن چاهيو ڪري ڇڏيو ۞ ٻار جي مٿي جا وار لاهڻ کان پوءِ زعفران پيهي مٿي تي لڳائڻ بهتر آهي. (ايضًا 357) ۞ بهتر اِهو آهي تہ عقيقي جي جانور جي هڏي نہ ٽوڙي وڃي بلڪ هڏين تان گوشت لاٿو وڃي، اِهو ٻار جي سلامتي جي لاءِ سٺو فال آهي ۽ هڏي ٽوڙي گوشت بنايو ويو تڏهن بہ ڪو حرج ناهي. گوشت کي جنهن نموني چاهيو پچائي سگهو ٿا پر مٺو پچايو وڃي تہ ان ۾ ٻار جا اخلاق سٺا ٿيڻ جو فال آهي. (ايضًا) **مٺو گوشت ناهڻ جا ٻہ طريقا:** ﴿1﴾ هڪ ڪلو گوشت، اڌ ڪلو مني دهي، ست عدد ننڍا ڦوٽا، 50 گرام بادام، ضرورت مطابق گيهہ يا تيل سيئي ملائي پچايو، پچڻ کان پوءِ ضرورت مطابق چاشني وجهو. خوبصورتي جي لاءِ گجر جا ننڍا ٽڪر ڪري ۽ پڻ ڪشمش وغيره بہ وجهي سگهجي ٿي ﴿2﴾ هڪ ڪلو گوشت ۾ اڌ ڪلو چقندر وجهي معمول مطابق پچايو ۞ عوام ۾ اِهو مشهور آهي تہ عقيقي جو گوشت ٻار جا ماءُ پيءُ ۽ ڏاڏو ڏاڏي ۽ نانو ناني نہ کائن اهو غلط آهي، ان جو ڪوبہ ثبوت ناهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

(ايضًا) ان جي کل جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو قرباني جي کل جو، پنهنجي استعمال ۾ آڻي يا مسڪينن کي ڏي يا ڪنهن ٻئي نيڪ ڪم مسجد يا مدرسي ۾ صرف ڪري. (ايضًا) ۞ عقيقي جي جانور ۾ اُهي ئي شرط آهن جيڪي قرباني جي جانور جي لاءِ هوندا آهن. ان جو گوشت فقيرن ۽ عزيزن، مٽن مائٽن ۽ دوستن احبابن ۾ ڪچو ورهايو وڃي يا پچائي ڏنو وڃي يا انهن کي مهماني طور ڪارايو وڃي اِهي سڀئي صورتون جائز آهن. (بهار شريعت ج 3 ص 357) ۞ (عقيقي جو گوشت) سِرڻ، ڪانءُ کي ڪارائڻ بي معني آهي، اهي (سرڻ ۽ ڪانءُ) فاسق آهن. (فتاوي رضويہ ج 20 ص 590) عقيقو ولادت جو شڪرانو آهي، تنهنڪري مرڻ ڪان پوءِ عقيقو نٿو ٿي سگهي ۞ ڇوڪري جي عقيقي ۾ پيءُ ذبح ڪري تہ دعا هن طرح پڙهي: اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ عَقِيْقَةُ ابْنِىْ فُلَانٍ دَمُهَا بِدَمِهٖ وَلَحْمُهَا بِلَحْمِهٖ وَعَظْمُهَا بِعَظْمِهٖ وَجِلْدُهَا بِجِلْدِهٖ وَشَعْرُهَا بِشَعْرِهٖ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا فِدَاءً لِابْنِىْ مِنَ النَّارِ ط بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ[1] فلاڻي جي جڳهہ تي پٽ جو جيڪو نالو رکندو اُهو وٺي، ڌيءَ هجي تہ اِبْنِي جي جاءِ تي بِنتِي ۽ پنجن جاين تي ”ه“ جي جڳهہ ”ها“ چوي. ۽ ٻيو شخص ذبح ڪري تہ ٻنهي جاين تي اِبْنِي فُلَان يا بِنتِي فُلَان جي جاءِ تي فُلَان اِبنِ فُلَان يا فُلَانَہ بِنتِ فُلَان چوي. ڇوڪري جي اُن جي پيءُ ۽ ڇوڪرِي جي اُن جي ماءُ ڏانهن نسبت ڪري. (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 20

---

1 ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! هي منهنجي فلاڻي پٽ جو عقيقو آهي هِن جو خون ان جي خون، هِن جو گوشت ان جي گوشت هِن جي هڏي ان جي هڏي، هِن جي کل ان جي کل ۽ هِن جا وار ان جي وارن جي بدلي ۾ آهن. اي الله عَزَّوَجَلَّ! هِن کي منهنجي پٽ جي لاءِ جهنم جي باھہ کان فديو بڻاءِ. الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ص 585) ۞ **جيڪڏهن دعا ياد نہ هجي تہ بنا دعا پڙهڻ جي دل ۾ اهو خيال ڪري تہ فلاڻي ڇوڪري يا فلاڻي ڇوڪرِي جو عقيقو آهي، بِسمِ الله، الله اڪبر پڙهي ذبح ڪري، عقيقو تي ويندو، عقيقي جي لاءِ دعا پڙهڻ ضروري ناهي.** (جنتي زيور ص 323) ۞ **اڄڪلهہ عام طرح سان دعوت جو انتظام ڪري عزيزن، مائٽن کي گهرايو ويندو آهي جيڪو هڪ سنو عمل آهي ۽ شرڪت ڪرڻ وارا ٻار جي لاءِ تحفا آڻيندا آهن اِهو بہ پلو ڪم آهي البت هتي ڪجهہ تفصيل آهي: جيڪڏهن مهمان ڪو تحفو نہ آڻي تہ ڪڏهن ڪڏهن ميزبان يا سندس گهر وارا مهمان جي گلا ڪرڻ جي گناهہ ۾ مبتلا ٿيندا آهن، تہ جتي يقيني طور تي غالب گمان سان اهڙي صورتحال هجي اُتي مهمان کي گهرجي تہ بنا مجبوري جي نہ وڃي، ضرورتًا وڃي ۽ تحفو ڪٺي وڃي تہ حرج ناهي، البت ميزبان انهي نيّت سان ورتو تہ جيڪڏهن مهمان تحفو نہ آڻي ها تہ هي يعني ميزبان هِن** (مهمان) **جون برائيون بيان ڪريان ها يا بطور خاص نيّت تہ ناهي مگر هِن** (ميزبان) **جو اهڙو بُرو معمول آهي تہ جتي هِن** (يعني ميزبان کي) **غالب گمان هجي تہ آڻيندڙ انهي طور تي يعني** (ميزبان جي) **شر کان بچڻ جي لاءِ آندو اٿس تہ هاڻي وٺندڙ ميزبان گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار آهي ۽ هي تحفو اُن جي حق ۾ رشوت آهي. ها جيڪڏهن برائي بيان ڪرڻ جي نيت نہ هجي ۽ نہ هِن جو اهڙو برو معمول هجي تہ تحفو قبول ڪرڻ ۾ حرج ناهي.**

**هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو

ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو　　ختم ہوں شامتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | باهه جي سَرائي | 10 |
| سون جي سِر | 1 | اکين ۽ ڪنن ۾ ڪِليون | 11 |
| غفلت جا سبب | 2 | اکين ۾ پگهريل شيهو | 11 |
| مڙدي جون رڙيون دانهون بيڪار آهن | 3 | باهه جي پوچارين جهڙي شڪل | 13 |
| انوکي شرمساري | 5 | ڪير ڪنهن کان پردو ڪري؟ | 13 |
| روئندو جهنم ۾ داخل ٿيندو | 6 | ناجائز فيشن ڪرڻ وارن جو انجام | 14 |
| جيڪڏهن ايمان برباد ٿي ويو ته .... | 7 | قضا عُمري پڙهو | 14 |
| موت جا ٽي قاصد | 7 | دعوت اسلامي جي مدني بهار | 15 |
| بيماري ٻه موت جو قاصد آهي | 8 | محمد احسان عطاري جو لاش | 16 |
| جهنم جي دروازي تي نالو | 9 | شهيدِ دعوت اسلامي | 17 |
| اکين ۾ باهه | 10 | عقيقي جا 25 مَدَني گل | 19 |


# ماخذ ومراجع


| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| تِرمِذی | دارالفکر بیروت | اِبن عساکر | دارالفکر بیروت |
| مسند اِمام احمد | دارالفکر بیروت | ہدایہ | داراحیاء التراث العربی بیروت |
| مسلم | دارابن حزم بیروت | فتاوٰی رضویہ | رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| مُصَنَّف عبدالرزاق | دارالکتب العلمیہ | بہارِ شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| معجم کبیر | داراحیاء التراث العربی بیروت | مکاشفۃ القلوب | دارالکتب العلمیہ |
| فردوس الاخبار | دارالکتاب العربی بیروت | بحر الدموع | مکتبۃ دار الفجر |
| حلیۃ الاولیاء | دارالکتب العلمیہ | اسلامی زندگی | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| تاریخِ بغداد | دارالکتب العلمیہ | جنّتی زیور | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |

